# قرباني جي باري ۾

اَلْحَمْدُ للهِ الْمَلِكِ الْمَعْبُودِ اَلْمُتَفَرِّدِ بِالْبَقَاءِ وَالْعِزِّ وَالْوُجُودِ وَالْغَنِيِّ الَّذِي لَا تَفْنِي خَزَائِنُهُ مَعَ كَثْرَةِ الْاِنْفَاقِ وَالْجُوْدِ وَالصَّلَاةُ وَالسَّلَامُ عَلَيٰ حَبِيْبِنَا مُحَمَّدٍ صَاحِبِ الْمَقَامِ الْمَحْمُودِ وَالْحَوْضِ الْمَوْرُوْدِ اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَ سَلِّمْ وَبَارِكْ عَلَيٰ عَبْدِكَ وَ رَسُوْلِكَ نَبِيِّنَا مُحَمَّدٍ وَ عَلَيٰ آلِهِ وَ صَحْبِهِ اِلَيٰ يَوْمِ الْمَوْعُوْدِ وَسَلِّمْ تَسْلِيْمًا كَثِيْرًا كَثِيْرًا اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوذُ بِاللهِ مِنَ الشَّيْطَانِ الرَّجِيمِ بِسْمِ اللهِ الرَّحْمَانِ الرَّحِيْمِ وَنَادَيْنَاهُ اَنْ يَا اِبْرَاهِيمُ * قَدْ صَدَّقْتَ الرُّؤْيَا اِنَّا كَذَالِكَ نَجْزِي الْمُحْسِنِينَ صَدَقَ اللهُ الْعَظِيم (الصافات :104 ـ105)

درود پڙهو : اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَ بَارِكْ عَلَيٰ سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّآلِهِ وَ صَحْبِهِ اَجْمَعِيْنَ

منهنجي هن مٿي تي جي ڪوڙئين هُوَنِ ڪپارَ
واري واري وڍيان سِرِ ٻيءَ ڪي سؤ وار
تڏ پڻ تند تنوار مون مٿاهون مڱڻا

**مسلمان ڀائرو!** اسين سڀ الله جا ٻانها آهيون. اسانجا سر ٻچا سڀ مالڪ جي مِلڪ آهن. اسان وٽ جو ڪجهه مال ۽ منصب قوت ۽ دولت آهي، سا سڀ الله جي عطا ۽ سخا آهي. الله جي ڏنل شين کي الله جي حڪم تي قربان ڪرڻ ٻانهپائي جي نشاني آهي.

الله جي حڪمن جي ڀڃڪڙي ڪرڻ بدبختي جي علامت ۽ محرومي جو سبب آهي. الله ڪريم پنهنجي ٻانهن کي مختلف طرحن سان آزمائيندو



آهي. ڪڏهن بيماريون ڏئي، ڪڏهن صحت ڏئي، ڪڏهن تنگي ته ڪڏهن ڪشادگي ڏئي آزمائيندو آهي. مالدارن کي مال عطا ڪري انهن کي زڪواة خيرات وغيره جو حڪم ڏئي آزمائي ٿو ته ٻانها الله جي حڪم کي سچاڻن ٿا يا نه؟ الله ڪريم پنهنجي پاڪ پيغمبر حضرت ابراهيم خليل الله عليه السلام کي آزمايو. قرآن پاڪ ۾ رب ڪريم فرمايو:

وَاِذْ ابْتَلَىٰ اِبْرَاهِيمَ رَبُّهُ بِكَلِمَاتٍ فَاَتَمَّهُنَّ قَالَ اِنِّي جَاعِلُكَ لِلنَّاسِ اِمَامًا

۽ ياد ڪر جڏهن ابراهيم کي انجي پالڻهار ڪن ڳالهين ۾ آزمايو پوءِ انهن کي پورو ڪري ڏيکاريائين. الله فرمايو ته مان توکي ماڻهن جو اڳواڻ ٿو بڻايان. (البقرة : 124)

دوستو امامت قيادت ۽ سِيادت تڏهن ملندي آهي، جڏهن ماڻهو آزمائشن امتحانن ۾ پاس ٿيندو آهي. الله پاڪ پنهنجي خليل عليه السلام کي آزمايو.

ڪڏهن ان الله جي راهه ۾ مال و دولت پئي لُٽائي.

ڪڏهن پنهنجي جان نارِ نمرود ۾ پوڻ لاءِ پيش ڪيائين.

ڪڏهن پنهنجي پياري ٻچڙي اسماعيل کي قربان پئي ڪيائين.

جڏهن سڀ امتحانن ۾ ڪامياب ٿيو. هاڻي رب فرمايس:

اِنِّي جَاعِلُكَ لِلنَّاسِ اِمَامًا مان توکي ماڻهن جو اڳواڻ ٿو بڻايان.

حضرت ابراهيم خليل الله هن ماهه ذوالحج ۾ پنهنجي پياري سڪيلڌي فرزند کي الله جي راهه ۾ قرباني لاءِ پيش ڪيو. قرآن پاڪ سورة صافات جي هڪ سؤ ڪان هڪ سؤ ڏهه تائين وارين آيتن ۾ الله پاڪ پنهنجي خليل جي ان قرباني جو ذڪر ڏاڍي عجيب انداز ۾ بيان فرمايو آهي. دل سان ٻڌو.

ابراهيم خليل الله کي اولاد نه ٿيندو هيو پوءِ پنهنجي رب کي پڪاريائين:

رَبِّ هَبْ لِي مِنْ الصَّالِحِينَ: اي پالڻهار مون کي صالح اولاد عطا ڪر.

**فَبَشَّرْنَاهُ بِغُلَامٍ حَلِيمٍ** : پوءِ اسان ان کي بردبار پٽ جي خوشخبري ڏني.

**فَلَمَّا بَلَغَ مَعَهُ السَّعْيَ** : پوءِ جڏهن اهو ان سان گڏ ڪم جي قابل ٿي ويو،

**قَالَ يَابُنَيَّ** :( ابراهيم ) چيو: " اي منهنجا پٽڙا ! "

**اِنِّي اَرَىٰ فِي الْمَنَامِ اَنِّي اَذْبَحُكَ** مون خواب ڏٺو آهي ته مان توکي ذبح ٿو ڪيان

**فَانظُرْ مَاذَا تَرَىٰ** : هاڻي تون سوچ ڪر ته تنهنجي ڪهڙي راءِ آهي؟

**قَالَ يَا اَبَتِ**: چيائين : " اي منهنجا بابا !"

**اِفْعَلْ مَا تُؤْمَرُ** : ائين ڪر جنهن جو توکي حڪم ڏنو وڃي.

**سَتَجِدُنِي اِنْ شَاءَ اللَّهُ مِنْ الصَّابِرِينَ** : انشاءَ الله عنقريب تون مون کي صبر ڪرڻ وارن مان لهندين.

**فَلَمَّا اَسْلَمَا** پوءِ جڏهن ٻئي راضي ٿيا.

**وَتَلَّهُ لِلْجَبِينِ** ۽ پٽ کي پيشاني ڀر ليٽايائين.

**وَنَادَيْنَاهُ اَنْ يَّا اِبْرَاهِيمُ** : ۽ اسان ان کي سڏيوسين ته " اي ابراهيم ! "

**قَدْ صَدَّقْتَ الرُّؤْيَا** : بيشڪ تو خواب سچو ڪري ڏيکاريو.

**اِنَّا كَذَالِكَ نَجْزِي الْمُحْسِنِينَ** : اسان نيڪي ڪندڙن کي ائين انعام ڏيندا آهيون.

**اِنَّ هَذَا لَهُوَ الْبَلَاءُ الْمُبِينُ** : بيشڪ هي چٽو امتحان هيو.

**وَفَدَيْنَاهُ بِذِبْحٍ عَظِيمٍ** : ۽ اسان هڪ وڏي ذبح ان جي بدلي ۾ ڏئي ان کي بچائي ورتو.

**وَتَرَكْنَا عَلَيْهِ فِي الْآخِرِينَ** : ۽ اسان پوين ۾ ان جي تعريف باقي رکي.



**سَلَامٌ عَلَىٰ اِبْرَاهِيمَ** : سلام هجي ابراهيم تي.

**كَذَالِكَ نَجْزِي الْمُحْسِنِينَ** : ائين اسان نيڪن کي انعام ڏيندا آهيون

جڏهن خليل الرحمان عليہ السلام پنهنجي پياري پٽ کي قرباني لاءِ پيش ڪيو، ان جي اها ادا رب کي وڻي ملتِ ابراهيمي ۾ اُن جي اِن سنت کي باقي رکيو ويو. قيامت تائين اچڻ وارن مسلمانن مٿان لازم ڪيو ويو ته جنهن کي به مالي توفيق ملي نصاب جو مالڪ بنجي سو پياري خليل جي سنت کي جياريندي ڪو جانور الله جي راهه ۾ قربان ڪري.

**دوستو!** اسان جو دين اسلام **"ملت ابراهيمي"** آهي. حضرت سيدنا ابراهيم خليل الله جي سنتن کي جيارڻ وارو دين اسلام آهي. حضرت ابراهيم خليل الله جئين رب جي رضا خاطر پنهنجي ٻچي اسماعيل عليه السلام کي قرباني لاءِ پيش ڪيو. سندس اها سنت الله تعاليٰ هن امت جي مالدارن تي لازم فرمائي آهي.

حضرت زيد بن ارقم رضي الله عنہ کان روايت آهي ته صحابہ ڪرام سهڻي نبي ڪريم ﷺ کي عرض ڪيو: **يَا رَسُولَ اللَّهِ مَا هَذِهِ الْأَضَاحِيُّ** ؟

يا رسول الله هي اضحائون ڇا آهن؟ پاڻ ڪريمن فرمايو:

**سُنَّةُ اَبِيكُمْ اِبْرَاهِيمَ** اوهان جي ابي ابراهيم جي سنت آهي.

عرض ڪيائون يا رسول الله اسان لاءِ اضحيٰ ۾ ڪهڙو اجر آهي؟ فرمايائون :

**بِكُلِّ شَعَرَةٍ حَسَنَةٌ**: قرباني جي (جانور جي) هر وار جي عيوض نيڪي آهي

عرض ڪيائون دنبي جي اُن جي بدلي ڇا آهي؟ پاڻ فرمايائون :

**بِكُلِّ شَعَرَةٍ مِنَ الصُّوفِ حَسَنَةٌ** :اُن جي هر تند جي بدلي نيڪي آهي.

(سنن ابن ماجة)

**پيارا پائرو !** اسان جا سهڻا حبيب ڪريم ﷺ هر سال قرباني ڪندا

هئا . حضرت عبد الله بن عمر رضي الله عنہ چيو تہ :

**اَقَامَ رَسُولُ اللّٰهِ ﷺ بِالْمَدِينَـةِ عَشْرَ سِنِينَ يُضَحِّي** ( ترمذي )

رسول الله ﷺ مديني پاڪ ۾ ڏهہ سال رهيا هر سال اضحيٰ ڪندا هئا . نہ رڳو ايستائين پر وصال بعد بہ حضرت علي رضي الله عنه کي حڪم ڏنائون تہ سندن طرفان قرباني ڪندو رهي . حضرت علي رضي الله عنہ سدائين پنهنجي قرباني سان گڏ سندن طرفان بہ قرباني ڪندو هيو .

حضرت حَنَش رضي الله عنہ چيو تہ :

**رَئَيْتُ عَلِيًّا يُضَحِّي بِكَبْشَيْنِ فَقُلْتُ لَهُ مَا هَذَا فَقَالَ اَوْصَانِي رَسُولُ اللّٰهِ ﷺ اَنْ اُضَحِّيَ عَنْهُ فَأَنَا اُضَحِّي عَنْهُ** ( ابودائود )

مون ڏنو تہ حضرت علي المرتضيٰ رضي الله عنه ٻن گهيٽن جي اضحيٰ ڪن پيا مون عرض ڪيو تہ بہ ڇا لاءِ ٽا قربان ڪيو؟ فرمايائون تہ نبي پاڪ ﷺ مون کي وصيت فرمائي هئي تہ مان سندن طرفان بہ اضحيٰ ڪندو رهان . سو مان هر سال سندن طرفان بہ اضحيٰ ڪندو آهيان .

**مسلمان ڀائرو !** قرباني جو لفظ قرب مان ورتل آهي . ان جي معنيٰ آهي " ويجهڙائپ " قرباني ڪرڻ وارو بہ الله جو قرب حاصل ڪري ٿو. قرباني يا اضحيٰ الله جو پسنديده ۽ پيارو عمل آهي . قرباني ڪرڻ واري جا گناهہ معاف ڪيا وڃن ٿا . ان مٿان الله راضي ٿئي ٿو.

حضرت ابو سعيد رضي الله عنہ کان روايت آهي تہ رسول اڪرم هاديءِ عالم ﷺ پنهنجي پياري نياڻي فاطمة الزهراءَ رضي الله عنها کي فرمايو :

**يَا فَاطِمَةُ قُومِي اِلَىٰ اُضْحِيَتَكِ فَاشْهَدِيْهَا فَاِنَّ لَكِ بِكُلِّ قَطْرَةٍ تَقْطُرُ مِنْ دَمِهَا اَنْ يُّغْفَرَ لَكِ مَا سَلَفَ مِنْ ذُنُوبَكِ**



اي فاطمہ اٿي پنهنجي اضحيٰ وٽ وڃي حاضر ٿيءُ ڇو ته تنهنجي لاءِ هر قرباني جي جانور جي رت جي هر ڦڙي جي عيوض هي آهي جو الله تنهنجون سڀ گذريل خطائون معاف ڪري ڇڏيندو . سائڻ عرض ڪيو يا رسول الله اهو اسان اهل بيتن لاءِ خاص آهي يا اسان لاءِ بہ سڀ مسلمانن لاءِ بہ آهي ؟ پاڻ فرمايائون : **بَلْ لَنَا وَلِلْمُسْلِمِيْنَ** بلڪہ اسان لاءِ بہ سڀ مسلمانن لاءِ بہ اهو ساڳيو اجر آهي . ( مسند البزار، مجمع الزوائد : ج 4 ص 17)

درود پڙهو : **اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَ بَارِكْ عَلَيٰ سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّآلِهِ وَ صَحْبِهِ اَجْمَعِيْنَ**

**دوستان گرامي !** قرباني ڪرڻ وارو جڏهن قرباني ڪري ٿو ان جي رت جو ڦڙو زمين تي ڪري ٿو ان ڪِرڻ کان اڳ ان جا سڀ گناهہ الله ڪريم بخشي ڇڏي ٿو.

حضرت سيدنا علي شيرِ خدا ڪرم الله وجهہ الڪريم کان روايت آهي حضرت نبي ڪريم ﷺ فرمايو تہ :

**يَا اَيُّهَا النَّاسُ ضَحُّوا وَاحْتَسِبُوا بِدِمَائِهَا فَاِنَّ الدَّمَ وَ اِنْ وَقَعَ فِي الْأَرْضِ فَاِنَّهُ يَقَعُ فِي حِرْزِ اللهِ عَزَّوَجَلَّ** ( مجمع الزوائد : ج 4 ص 17)

اي انسانو اضحيٰ ڪيو ۽ ان جي رت مان ثواب جي اميد رکو . ڇو تہ جڏهن رت زمين تي ڪري ٿو تہ اهو الله جي پناهہ ۾ اچي وڃي ٿو.

حضرت امام حسن بن علي رضي الله عنهما وَ اَرْضَاهُ ا کان روايت آهي رهبر عالم نور مجسم ﷺ فرمايو تہ :

**مَنْ ضَحَّىٰ طَيِّبَةً نَفْسُهُ مُحْتَسِبًا لِاُضْحِيَتِهِ كَانَتْ لَهُ حِجَابًا مِنَ النَّارِ**

جنهن دل جي خوشيءَ سان اضحيٰ ڪئي پنهنجي اضحيٰ منجهان ثواب جي اميد رکيائين تہ اها ان لاءِ جهنم کان پردو هوندي . ( مجمع الزوائد : ج 4 ص 17)

درود پڙهو : **اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَ بَارِكْ عَلَيٰ سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّآلِهِ وَ صَحْبِهِ اَجْمَعِيْنَ**

**پيارا پائرو !** قرباني ڪڏهن ڪجي؟ انجو افضل وقت عيد جي نماز ادا ڪري اچڻ کان پوءِ آهي . پوءِ اهو سارو ڏينهن ۽ ان جي پويان وارا ٻه ڏينهن يعني يارهين ۽ ٻارهين ذوالحج تي قرباني ڪري سگهجي ٿي . پر جيئن دير سان ڪبي تيئن ثواب گهٽبو ويندو. عيد نماز کان اڳ قرباني ڪرڻ نہ گهرجي.

حضرت انس بن مالڪ رضي الله عنه روايت ڪئي رسول الله ﷺ فرمايو :

**مَنْ ذَبَحَ قَبْلَ الصَّلَاةِ فَإِنَّمَا ذَبَحَ لِنَفْسِهِ وَمَنْ ذَبَحَ بَعْدَ الصَّلَاةِ فَقَدْ تَمَّ نُسُكَهُ وَاَصَابَ سُنَّةَ الْمُسْلِمِينَ** ( بخاري )

جنهن ماڻهو نماز کان اڳ قرباني ڪئي ، ان پنهنجي ذات لاءِ ڪئي ۽ جنهن ماڻهو نماز (عيد ) بعد قرباني ڪئي ان جي قرباني مڪمل ٿي ۽ مسلمانن جي سنت کي پهتو. ( بخاري )

حضرت انس بن مالڪ رضي الله عنه چيو تہ :

**كَانَ النَّبِـيُّ ﷺ يُضَحِّي بِـكَبْشَيْنِ وَاَنَا اُضَحِّي بِـكَبْشَيْنِ**

نبي ﷺ ٻہ سالن وارا ٻہ دنبا قرباني ڪندا هئا ۽ مان بہ ٻہ دنبا اضحيٰ ڪندو آهيان. (بخاري )

**دوستان گرامي** !قرباني هر صاحبِ توفيق پنهنجي طرفان ڪندو. پر اگر ڪنهن ٻئي جي طرفان ڪيائين تہ بہ جائز آهي . ان جو اجر ۽ ثواب ان قرباني ڪرڻ واري کي بہ ملندو ۽ جنهن جا پاران ڪئي وئي ان کي بہ ملندو. پاڻ ڪريم ﷺ هجرت ڪري مدينہ منوره آيا تہ هر سال پنهنجي طرفان ۽ پنهنجي اهل بيتن جي طرفان هڪ قرباني ڪندا هئا ۽ ٻي پنهنجي امت جي طرفان ڪندا هئا .جڏهن پاڻ قبرِ انور ۾ پرده پوش ٿيا تہ حضرت علي ڪرم الله وجهہ کي وصيت فرمايائون ، اهو سندن پاران هر سال قرباني ڪندو هيو.



صحيح مسلم ۾ سيده عائشہ رضي الله عنها کان مروي آهي تہ رسول الله ﷺ سڱن وارو دنبو قرباني لاءِ آڻڻ جو امر فرمايو. جنهن جا پير ۽ اکيون ڪاريون هيون . پاڻ فرمايائون:اي عائشہ ڇُري آڻ . پوءِ فرمايائون هن کي پٿر تي تيز ڪر . سائڻ ڇري تيز ڪئي پاڻ ان کي ليٽايائون پوءِ ذبح ڪيائون ۽ فرمايائون :

**بِـسْمِ اللّٰهِ اَللّٰهُمَّ تَقَبَّلْ مِنْ مُحَمَّدٍ وَآلِ مُحَمَّدٍ وَمِنْ اُمَّةِ مُحَمَّدٍ**

الله جي نالي سان .اي الله محمد ۽ آلِمحمد ۽ امتِ محمد جي طرفان قبول فرماءِ پوءِ ان جي قرباني ڪيائون. (صحيح مسلم)

درود پڙهو : **اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَ بَارِكْ عَلَيٰ سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّآلِهِ وَ صَحْبِهِ اَجْمَعِيْنَ**

**پيارا پائرو!** قرباني جي گوشت کي ٽن حصن ۾ تقسيم ڪبو. هڪ حصو پنهنجي لاءِ ۽ پنهنجي گهر وارن لاءِ ٻيو حصو عزيزن قريبن لاءِ ۽ ٽيون حصو غريبن مسڪينن جي لاءِ. قرباني جو گوشت اگر ڪو بچائي رکي تہ بہ جائز آهي . ابتداءِ اسلام ۾ اضحيٰ جو گوشت ٽن ڏينهن کان وڌيڪ رکڻ منع هيو . پوءِ پاڻ ڪريمن ﷺ اجازت عطا فرمائي تہ کائو ۽ پلي بچائي بہ رکو.

اصحابي سڳورا منيٰ جو گوشت مديني پاڪ تائين کڻي ايندا هئا .

جيئن حضرت جابر رضي الله عنہ کان روايت آهي چيائين تہ:

**كُنَّا نَتَزَوَّدُ لُحُومَ الْأَضَاحِيِّ عَلَىٰ عَهْدِ النَّبِـيِّ ﷺ اِلَى الْمَدِينَةِ**

رسول الله ﷺ جي دؤر ۾ اسان مديني تائين قرباني جو گوشت بطور زادِ راه کڻي ايندا هئاسين . ( بخاري، مسلم، احمد)

**دوستان محترم!** اگر ڪنهن ماڻهو جو قرباني ڪرڻ جو ارادو آهي ، ان لاءِ مستحب آهي تہ ذوالحج جي چنڊ ڏسڻ کان پوءِ پنهنجي بدن جي

سنوارت نہ ڪري يعني نہ ننهن لاهي نہ وار وٺي . پر جي سنوارت ڪيائين تہ بہ امام اعظم ابو حنيفہ جي فقہ مطابق جائز آهي.

پر نہ ڪرڻ بهتر آهي. ثواب ان ۾ وڌيڪ آهي . حديثن ۾ بہ ان ڳالهہ جي ترغيب آئي آهي. سيده ام سلمہ رضي الله عنها کان مرفوع روايت آهي :

اِذَا دَخَلَ الْعَشْرُ وَعِنْدَهُ اُضْحِيَّةٌ يُرِيدُ اَنْ يُضَحِّيَ
فَلَا يَأْخُذَنَّ شَعْرًا وَلَا يَقْلِمَنَّ ظُفُرًا (مسلم)

جنهن ماڻهو وٽ قرباني جو جانور هجي ۽ ان جو اضحيٰ جو ارادو هجي پوءِ ذوالحج جو ڏهو چالو ٿئي تہ ان کي گهرجي تہ نہ وار وٺي نہ ننهن وڍي.

بي بي امہ سلمہ سائڻ رضي الله عنها کان هڪ ٻي رويت جا الفاظ آهن ، نبي ڪريم ﷺ فرمايو تہ :

اِذَا رَئَـيْتُمْ هِلَالَ ذِي الْحِجَّةِ وَ اَرَادَ اَحَدُكُمْ اَنْ يُضَحِّيَ
فَلْيُمْسِكْ عَنْ شَعْرِهِ وَ اَظْفَارِهِ (مسلم)

جڏهن اوهان ذوالحج جو چنڊ ڏسو ۽ اوهان مان ڪنهن جو اضحيٰ ڪرڻ جو ارادو هجي تہ پنهنجي وارن ۽ ننهن (لاهڻ) کان رڪجي وڃي.

**دوستان گرامي !** جڏهن قرباني ڪيو تہ ڏسي وائسي سٺو ۽ پيارو جانور قربان ڪيو. الله پاڪ جي نگاهہ ان جانور جي جسم گوشت پوست تي نہ هوندي آهي پر الله اوهان جي دل کي ۽ اوهان جي نيت کي ڏسندو آهي . جيترو دل جي محبتن سان قرباني ڪندئو اوترو الله وٽ ان جو وڌيڪ اجر ۽ انعام ڏسندئو. قرآن ۾ الله عزوجل فرمايو تہ :

لَنْ يَنَالَ اللَّهَ لُحُومُهَا وَلَا دِمَاؤُهَا وَلَاكِنْ يَنَالُهُ التَّقْوٰى مِنْكُمْ (الحج : 37)

الله وٽ ان جانور جو گوشت نٿو پهچي نہ ڪو رت پهچي ٿو پر اوهان جي تقويٰ ان وٽ پهچي ٿي .



قرآن پاڪ ۾ حضرت آدم عليہ السلام جي ٻن پٽن هابيل ۽ قابيل جو ذڪر اچي ٿو ٻنهين قرباني ڪئي پر هڪ جي قبول پئي ، ٻئي جي قبول ڪو نہ پئي. ان وقت ۾ ائين هوندو هيو جو جنهن جي قرباني قبول پوندي هئي تہ آسمان مان بنا دونهين واري باهہ ايندي هئي ان کي جلائي ويندي هئي . جنهن جي قرباني جلي وئي ان جي قبول پئجي وئي . پوءِ حضرت هابيل بہ قرباني ڪئي ۽ قابيل بہ قرباني ڪئي . هابيل جي قبول پئي قابيل جي قبول نہ پئي . ان جو سبب ڇا هيو ؟ هڪ جي دل تقويٰ واري هئي ٻئي ۾ تقويٰ پرهيزگاري ڪا نہ هئي. الله پاڪ فرمايو تہ :

وَاتْلُ عَلَيْهِمْ نَبَأَ ابْنَـيْ آدَمَ بِـالْحَقِّ اِذْ قَرَّبَا قُرْبَانـًا فَتُقُبِّـلَ مِنْ اَحَدِهِمَا
وَلَمْ يُتَقَبَّلْ مِنْ الْآخَرِ قَالَ لَأَقْتُلَنَّكَ قَالَ اِنَّمَا يَتَقَبَّلُ اللَّهُ مِنْ الْمُتَّقِينَ

۽ انهن کي آدم جي ٻنهين پٽن جي سچي خبر پڙهي ٻڌاءِ جڏهن ٻنهين هڪ هڪ قرباني ڪئي ، پوءِ هڪ جي قبول ڪئي وئي ۽ ٻئي جي قبول نہ ڪئي وئي. (جنهن جي قبول نہ پئي ان ٻئي کي) چيو تہ آءُ تو کي ضرور قتل ڪندس . ( جنهن جي قرباني قبول پئي ان ) چيو تہ الله انهن جي قرباني قبول ڪندو آهي جيڪي پرهيزگار آهن . (المائدة : 27)

درود پڑهو : اَللَّهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَ بَارِكْ عَلَىٰ سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّ آلِهِ وَ صَحْبِهِ اَجْمَعِيْنَ

**دوستو!** دل جي گهراين محبتن سان قربانيون ڪيو. الله توفيق ڏئي تہ هر سال قرباني ڪيو. اهي قرباني جا جانور روزِ محشر پلصراط مٿان اوهان جي سواري هوندا سيدِ عالم صلي الله عليہ وسلم فرمايو تہ :

اِسْتَشْرِقُوا ضُحَايَاكُمْ فَاِنَّهَا عَلَىٰ الصِّرَاطِ مَطَايَاكُمْ

پنهنجي اضحائن کي جا جانور سهڻا ڪيو (تاتي پالي متارا ڪيو) ڇو تہ اهي پلصراط مٿان توهان جي سواري هوندا . (تفسير القُرطبي : ج 15 ص 111)

هڪ روايت ۾ آهي حضرت نبي ڪريم ﷺ فرمايو ته : جنهن قرباني ڪئي سو قبر ڪان نڪرندو ته ان جي قبر مٿان هڪ جانور بيٺل هوندو. جنهن جا وار سون جي تارن جا هوندا . ان جا سڱ به سونا هوندا. ان جون اکيون ياقوت مثل هونديون هِي چوندو ته : اي جانور ! تون ڇا آهين؟ مون توجهڙو سهڻو جانور اڳ ڪڏهن نه ڏٺو آهي . چوندو ته آءُ تنهنجي اضحيٰ وارو جانور آهيان. منهنجي پٺيءَ مٿان سوار ٿي . سوار ٿيندو ته ان کي عرش عظيم جي سايي ۾ کڻي ويندو جنهن ڏينهن ڪا ڇانوَ نه هوندي ۽ پوءِ هن کي کڻي پلصراط ٽپائي جنت ۾ پهچائيندو.

درود پڙهو : اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَ بَارِكْ عَلٰي سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّآلِهِ وَ صَحْبِهِ اَجْمَعِيْنَ

**دوستان محترم** ! قرباني نجات ڏياريندڙ آهي . دنيا آخرت جي سورن ۽ براين کان ڇوٽڪارو عطا ڪندڙ آهي . الله تعاليٰ قرآن ۾ فرمايو ته :

يَوْمَ نَحْشُرُ الْمُتَّقِينَ اِلَى الرَّحْمَانِ وَفْدًا
وَنَسُوقُ الْمُجْرِمِينَ اِلٰى جَهَنَّمَ وِرْدًا ( مريم : 86 )

قيامت واري ڏينهن اسان پرهيزگارن کي رحمان ڏانهن شاهي وفد جي صورت ۾ ( شان مان سان ) وٺي وينداسين ۽ مجرمن کي اڃارو جهنم ڏانهن هڪليندا سين .

هن آيت جي معنيٰ حضرت علي المرتضيٰ رضي الله عنه اها ڪئي آهي ته قيامت ڏينهن متقي ٻانها الله تعاليٰ ڏانهن عمده سوارين تي چڙهي ايندا ۽ اهي سواريون قرباني جا جانور هوندا .

**پيارا دوستو** ! قرباني ڪرڻ ۾ حڪمت هي آهي جو اول ته قرباني جي جانور کي پالي تاتي تيار ڪيو. اصول آهي ته جنهن جانور کي ماڻهو هٿن سان پاليندو آهي ته قدرتاً ان سان محبت ٿي ويندي آهي.



جيئن پنهنجي ٻچن سان محبت هوندي آهي . هاڻي رب فرمائي ٿو ته ان پياري جانور کي رب جي راه ۾ قربان ڪيو. پنهنجي محبت چاهت رغبت کي رب جي محبت تان قربان ڪيو. ائين سمجهو ته ڄڻڪ اڄ ابراهيم عليه السلام وانگر پنهنجي ٻچي کي راهِ خدا ۾ قربان ڪري رهيو آهيان. ان اصول مطابق لازمي ٻانهي جي رب سان محبت ۽ الفت پيدا ٿي پوندي. يعني قرباني اهو عمل آهي جو ٻانهي ۽ رب جي وچ ۾ محبت پيدا ڪري ٿو. قرباني سبب ٻانهو رب سان ۽ رب ٻانهي سان محبت ڪري ٿو . الله پاڪ فرمايو آهي ته:

لَنْ تَنَالُوا الْبِرَّ حَتّٰي تُنْفِقُوا مِمَّا تُحِبُّونَ

توهان هرگز ڪابه ڀلائي نه حاصل ڪري سگهندئو. جيستائين پنهنجي پياري چيز الله جي راه ۾ خيرات نه ڪندئو.

**دوستان گرامي** ! قرباني ان جانور جي ڪيو جنهن ۾ ڪو عيب نه هجي . انڌو، منڊو، ڪاڻو، عيبدار جانور قربان نه ڪيو ۽ ان کي خوب پالي تاتي مواڙ ڪيو. جانور بي عيب ساڄو متارو ۽ خوبين وارو هجي . سڱن ڀڳل ، منڊو، ڪاڻو، انڌو، بيمار ، ڪن ڇيريل ڪن ڪَٽيل ، سخت ڏٻرو ، اُهي سڀ جانور اضحيٰ جي لائق نه آهن.

قرباني جي جانور جي عمر ڪيتري هجڻ گهرجي ؟

**اٺ** : گهٽ ۾ گهٽ پنج سالو هجي .

**ڳئون** : جي عمر گهٽ ۾ گهٽ ٻه سال هجي .

**ٻڪري** : گهٽ ۾ گهٽ هڪ سال جي هجي .

**دنبو يا گهيٽو** :اهڙو تاتِيَلُ هجي جو هڪ سال جهڙو نظر اچي پوءِ توڙي ڇهه مهينن جو هجي ته ان جي به قرباني جائز آهي . هي عمريون گهٽ ۾ گهٽ انداز آهن . انهن کان جيترو وڏو هجي ته جائز آهي .

**جانور :** نر هجي يا مادي ٻئي جائز آهن .

**دوستو!** قرباني جي هڪ جانور ۾ ڪيترا ماڻهو حصيدار ٿي سگهن ٿا ؟

ٻڪري، ڇيلو، دنبو هڪ ماڻهوءَ لاءِ ڪافي آهي .

اٺ ، مينهن ، ڳئون وغيره ست حصيدار شريڪ ٿي سگهن ٿا .

قرباني جي جانور ۾ اگر ڪجهه حصا عقيقي جا به رکيا ويا ته به قرباني جائز آهي . پر ڪو اهڙو ماڻهو قرباني ۾ شامل ٿيو جنهن جو مقصد صرف گوشت کائڻ آهي ته ستن ئي حصيدارن جي قرباني جائز نه ٿيندي .

**دوستان محترم!** قرباني جون هي سنتون ياد رکو.

قرباني ڪرڻ ۾ نيت خالص الله جي رضا مندي جي رکجي .

مستحب آهي ته سِ ير واري ڪاتي تمام تيز هجي .

ڇُ ري جانور اڳيان تيز نه ڪجي .

پاڻي پياري پوءِ ذبح ڪجي .

ماءُ کي ڦر اڳيان يا ڦر کي ماءُ اڳيان ذبح نه ڪجي .

قرباني جي جانور جا وار نه ڪپجن .

قرباني جو جانور اگر کير وارو هجي ته ان جو کير نه ڏهجي . بلڪه ٿڻن کي ٿڌي پاڻي جا ڇنڊا هڻجن . پر جيڪڏهن کير ڏڏو وجي ته اهو خيرات ڪري ڇڏڻ گهرجي .

قرباني جي جانور تي سواري نه ڪجي بارُ نه کڻجي .

قرباني جي جانور کي ٻچو ڄمي ته اهو به قرباني واري وقت ذبح ڪري ڇڏجي .

ذبح جو طريقو هي آهي جو، جانور جون ٻه اڳيون ۽ هڪ پوئين ٽنگ ٻڌي، قبله رخ سمهارجي . بهتر آهي ته قرباني ڪندڙ پاڻ ذبح ڪري . يا ٿي سگهي ته ذبح وقت موجود رهي .



پوءِ دعا پڙهي پوءِ بسم الله الله اڪبر چئي پوءِ ساهه واري رڳ کان سواءِ چارئي رڳون ڪپي ڇڏجن . ساهه واري رڳ باقي رکي ته جيئن رڳن مان رت نڪري وڃي .

ذبح ڪرڻ بعد جلدي کل نه لاهجي پر جڏهن جانور ٺري وڃي ته پوءِ کل لاهجي .

قرباني جي جانور جو چمڙو، رسو، نوڙي سڀ الله جي راهه ۾ مسڪينن کي ڏيڻ گهرجي .

**قرباني جي دعا هي آهي :**

**اِنِّـي وَجَّهْتُ وَجْهِيَ لِلَّذِي فَطَرَ السَّمَوَاتِ وَالْأَرْضَ حَنِيفًا وَمَا اَنَا مِنَ الْمُشْرِكِينَ اِنَّ صَلَاتِي وَنُسُكِي وَمَحْيَايَ وَمَمَاتِيْ لِلَّهِ رَبِّ الْعَالَمِينَ**

الله ڪريم شال اسان سڀني کي قرباني ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي .

اسان جي قربانين کي پنهنجي بارگاهه ۾ قبوليت جو شرف عطا فرمائي .

آمين

وَمَا عَلَيْنَا اِلاَّالْبَلاَ غُ الْمُبِــــين

آخِرُ دَعْوَانَا اَنِ الْحَمْدُ لله رَبِّ الْعَالَمِيْنَ

رَبَّنَا تَقَبَّلْ مِنَّا اِنَّكَ اَنْتَ السَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ